SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVII مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLVII OF 2002

استيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002

THE STAMP (FIFTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XLVII OF 2002
استيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
THE STAMP (FIFTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[23 نومبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي استيمپ (پنجين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول جي آرٽيڪل 19 ۾، شق (i) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(i) جتي رقم 0.5 ملين کان وڌيڪ نه هجي.	0.2 سيڪڙو (مالیت مطابق)
(i_a) جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي.".	هڪ هزار رپيا

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي